


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پارت ياترا

(سفرنامون)

محمد پناهہ ڦرڙو

الڪبير اڪيڊمي

ڪوٽڙي ڪبير- 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: ڀارت ياترا
موضوع: سفرنامون
ليکڪ: محمد پناهه ڦرڙو
ايڊيشن: پهريون
سال: 2001ع
تعداد: 1000 (هڪ هزار) ڪاپيون
ڇپائيندڙ: الڪبير اڪيڊمي، ڪوٽڙي ڪبير، سنڌ
ڇاپيندڙ: گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: موهن لال مڪواڻا
ڪمپوزنگ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، 8- ربي چيمبر، گاڏي کاتو، حيدرآباد
ملهه:

# BHARAT YATRA

**By Mohammad Panah Phuriro**
Edition: First
Year: 2001
Copies: 1000
Published by: Al-Kabir Academy, Kotri Kabir.
Printed by: Gulshan Publication, Hyderabad.
Computer Layout: Mohan Lal Makwana
Composing: Intel Communications, Hyd.
Price: Rs.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منسوب

انهن اديبن، شاعرن ۽ ادب دوستن مردن توڙي عورتن، ٻڍن توڙي ٻارڙن جي نالي منسوب ڪريان ٿو، جي ٻيارت جي سير سفر ۾ هڪ گهڙي ٻه گڏ رهيا.

- محمد پناهه ڦرڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

حسن، حق ۽ سچ جي نالي سان شروع ٿو ڪريان. سڀ ثنائون ان پاڪ ذات کي سونهن، جنهن ڏسڻ ۾ نه ايندڙ (اوزارن کان سواءِ) چيزن ۾ وزن رکيو آهي. جنهن جي ارادي ڪرڻ کان اڳ هر اها شيءِ وجود وٺي اظهارِ ٿئي ٿي، جنهن جي وجود جو ڪو نشان، اهڃاڻ يا گمان به نه هو.

برڪتون رحمتون ۽ صلواتون اڻ ڪٿ، لاتعداد ۽ لامحدود انداز ۾ رحمت اللعالمين صلي الله عليه وسلم جن جي جسم ۽ جسمن، اسم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسمن، روح ۽ روحن، قبر ۽ قبرن تي جنهن جي رحم ۽ ڪرم سان ڪائنات جوڙي ويئي آهي.

پلن جي آل ۽ اولاد توڙي پيروي ڪندڙن جي سرن تي سلام.

ان ڪان پوءِ هيءُ مسڪين محمد پناهه ڦرڙو جيڪو سقيم ۽ ناتوان آهي. سو قدرت جي هڪ ڪارنامي جو ذڪر خير پنهنجي ڄاڻ ۽ ٿاڻ آهر لکي علم جي شاگردن ۽ سير سفر جي شائقين لاءِ ڀارت ياترا جي مختصر پر معنيٰ خيز پنڌ جو حق سچ تي مبني پيش ڪري ٿو. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ هر هڪ منظر ۽ ماحوال تي جيڪي محسوس ٿيو، سو اتي جو اتي لکندو رهيس. الفاظي ڊاڙ ٻناڪ نہ هڻئي اٿم. جنهن طرز ۽ نوع سان هر منظر کي ڏٺم، تيئن قلمبند ڪيو اٿم. ڪي حقائق تہ بس ۾ هلندي، هوائي جهاز جي اڏام دوران، سائيڪل رڪشا ۽ ٽانگي تي لکيا اٿم. ان هوندي بہ ڪي الفاظ تہ پڙهي بہ نٿا سگهجن.

ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڪردار تي لکڻ وقت قلم کي ڇڙواڳ نہ پر آزاد ضرور ڇڏيم. سفر دوران ڪي حقائق اهڙا سامهون آيا، جي هونئن تہ ڪابہ اهميت نٿا رکن، مگر گهري سوچ بعد خبر پوندي تہ اها تہ تمام وڏي ڳالهہ هئي.

مون ڪيترائي سفرنامہ پڙهيا آهن. مگر ڪن حقيقتن کي گول مول ڪيو ويو آهي. اها سفرنامي جي لکندڙ جي گهٽتائي آهي. سفرنامي لکڻ واري کي سفرنامي پڙهندڙن کي ائين پاڻ سان وني هلڻ گهرجي، جو هو سير جو پورو پورو حظ حاصل ڪري. مون ڪوشش ڪري هر هڪ ڳالهہ کي کولي بيان ڪيو آهي. اهو پڙهندڙن تي مدار رکي ٿو تہ ان ڏس ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان. پڙهندڙ جي تنقيد جو انتظار رهندو.

**محمد پناهه ڦرڙو**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرد دانا سخن ادا نہ کند
تا بنام حق ابتدا نہ کند

مون کي پارت موڪلڻ لاءِ پاڳوان ڀچڙي آفتاب احمد جنهن جو بخت جوان ۽ وڏي ڄمار رب ڪريم ڪري، تيار ڪيو، مون کي ايڏي ڏگهي سفر لاءِ ڪوبہ ارادو نہ هو. جڏهن مون ڪيس ٻڌايو تہ "شاهہ سچل سامي انٽرنيشنل سيمينار دهليءَ ۾ ٿئي ٿو، ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نيند ملي آهي." يڪدم چيائين تہ "بابا سائين! اهڙا موقعا روز روز نہ ملندا آهن، توهان پاسپورٽ ٺهرايو ۽ هن ادبي ميڙ ۾ ضرور شرڪت ڪريو." اها گفتگو تاريخ 7-آڪٽوبر تي شام جو گهر ۾ ڪئي سون. 8-تاريخ صبوح جو سوير پاسپورٽ ٺهرائڻ لاءِ ريجنل پاسپورٽ آفيس سکر لاءِ گهران نڪري ويگن ۾ خانواهڻ ڪوٽڙي ڪبير رستي ٿان چنتي فقير واري مسجد وٽان چڙهي، ساڍي انين وڳي سکر ۾ پهچڻ ٿيو. جتي مسٽر حاجي خان ميمڻ ايس- ڊي - او فون سکر ڊجيٽل وٽ وڃڻ ٿيو. جنهن کان پاسپورٽ آفيس جو ڏس پتو معلوم ڪيو ويو. جنهن ٻڌايو تہ پاسپورٽ آفيس جنات بلڊنگ پراڻو سکر ۾ آهي. پنهنجي گاڏي ڏنائين جيڪا اتي ڇڏي آئي. آفيس کان ڪجهہ پري فارم وغيره مليا. فوٽو ڪاپيون ڪونہ هيون، اهي ڪڍرايم، سرڪاري في چار سؤ روپيہ ۽ فارم ڀرڻ وارن جي في ٽيهہ روپيا ڏيئي، فارم ڀرايم. پئسا پاسپورٽ في جا نيشنل بئنڪ ۾ هو ڀياري آيا. پوءِ هلي آفيس ڏيکاريائون، جتي ڪاغذ جمع ڪرايم. انهن پاسپورٽ ملڻ لاءِ 15-تاريخ لکي ڏني. پوءِ واپس اچڻ ٿيو. سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ منهنجا ٻيا ساٿي هر هڪ سائين غوث محمد "گوهر" پيرزادو صاحب، پيارو درگاهي چنہ ۽ محترم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الطاف حسين (اٿيم) منگي، جيڪي اڳ پاس پورٽ ٺهرائي چڪا هئا، سي ڪراچيءَ ويزا جي لاءِ ويا. جڏهن ڀارتي قونصل خاني سان رابطي ۾ آيا ته انهن ٻڌايو ته اسان وٽ محمد پناهه ڦرڙو جو نالو پهتل آهي. باقي ٻيا نالا اڃا نه مليا آهن. ٻيو ته دسهڙي جي موڪل آهي. جنهن ڪري تي ڏينهن قونصل خاني جو عملو موڪل تي آهي. انهن سڀني ڪري مذڪوره صاحب واپس موٽي آيا. اهو احوال جناب پيرزادي صاحب جن مون کي پنهنجو خاص ماڻهو نورالدين سومرو ۽ محترم درگاهي چنه موڪلي آگاهه ڪيو.

مون سان اهو مسئلو پيدا ٿيو ته پراڻي سکر ۾ دهشتگردن جي ڪارروائي سبب ڪرفيو نافذ ٿي ويو. ڪرفيو جو نفاذ غير سرڪاري هو. جنهن جو اعلان پاڪستان ٽيليويزن خواهه ريڊيو پاڪستان تان ڪونه پئي ٿيو. ڪن مقامي اخبارن ۾ اهڙو اظهار ڪيل هو. روزانو پڇا ڪندو رهيس، ۽ ڀارت وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪرڻو پيو. اوچتو خبر پئي ته ڪرفيو ۾ وقفو ملي ٿو. ”ٻڏندڙ کي ڪک جو سهارو“ جي مصداق الله تي آسرو رکي سکر نڪري ويس ۽ اتي صبوح جو سوير 9 بجي پهچڻ ٿيو. نئين ۽ پراڻي سکر جي حد ريلوي لائين آهي. جنهن جي هينان ماڻهن ۽ گاڏين جي لاءِ رستو آهي. ان جاءِ تي ٽريفڪ جي حالت ڏسڻ جهڙي لڳي پئي هئي. سوين ماڻهو پيادل ۽ سائيڪل سوار، ڪيترائي ٽانگا، ان گاڏا ۽ گڏهه گاڏا ڪيترن ئي رڪشائون ۽ سوزوڪيون ڪرفيو جي ساهي ملڻ لاءِ منتظر هيون. جڏهن وقفي جو وقت ٿيو ته وڏو شور برپا ٿي ويو. گاڏين جا زوزاٽ ۽ هارن، فورس جي جوانن جون سيٽيون، گاڏين جي رڙهه پيڙهه ۽ هل قيامت جو منظر پيدا ڪري ڇڏيو. خدا پاڪ کي ياد ڪندي پراڻي سکر ۾ پهچڻ ٿيو. هر موڙ تي رينجرس جو مورچو هو. ڪيترائي ڊپوٽي مئجسٽريٽ بيٺل نظر آيا. هر ڪو ماڻهو اڻ ڏٺل ڊج کان خائف هو. ڏڪندي ڏڪندي جنات بلڊنگ ۾ پهچڻ ٿيو. اها تاريخ 21-آڪٽوبر جي هئي. پاسپورٽ آفيس ۾ چڪربازي به لڳي پئي هئي. ”ڏنو پٽ ڇٽي جو“ قصو به ڏسڻ ۾ آيو. ڦُر ڦُران به ڏٺي سون. مگر اها ڦر سادن سودن ۽ گهٽو ڪري اڻ

پڙهيل شخصن سان هئي. هر هڪ شخص کان ڏهه روپيا ورتا پئي ويا. خبر نه اهي نه چو مون کان اها گهر ڪانه ٿي؟

پاسپورٽ وٺي ٽڪڙو ٽڪڙو پراڻي سکر کي ڇڏي نئين سکر ۾ داخل ٿيس. جتان ٽيليفون تي جناب پيرزادي صاحب ميان غوث محمد "گوهر" کي ٻڌايم ته مان سڌو توهان وٽ اچان ٿو ۽ پاسپورٽ مليو آهي. 3 بجي ڪوٺڙي ڪبير ۾ پهچڻ ٿيو. جتان پروگرام طئي ڪري ڳوٺ اچي سامان کڻي ترٽڪڙ ۾ 6 بجي ڪوٺڙي پهتس. جتان پيرزادي صاحب سان ڪار ۾ گڏ سوار ٿي محراب پور سندن جاءِ تي آيا سون. درگاهي چنه کي سکر ريل گاڏيءَ ۾ سيٽون بوڪ ڪرائڻ لاءِ ميان صاحب موڪليو هو. رات جو 12 بجي سکر ايڪسپريس ۾ سوار ٿيا سون.

22-تاريخ صبوح جو 7 بجي ڪراچيءَ صدر ريلوي اسٽيشن تي پهتا سون. صدر کي ڪينٽ به چوندا آهن. جتان ٽيڪسي ۾ سوار ٿي پاڪ انٽرنيشنل هوٽل ۾ پهچي رهائش اختيار ڪئي ويئي. رهائش جو بندوبست نورچشم آفتاب احمد اڱوات ڪري ڇڏيو هو. صبوح جو 9 بجي جڏهن ڀارتي قونصل خاني سان رابطو ڪيو ويو ته انهن ٻڌايو ته "ڀارت ۾ زلزلو آيو آهي، جنهن ڪري اسان سوڳ ملهايو آهي ۽ اڄ موڪل آهي، تنهن ڪري سڀاڻي اچي ويزا فارم جمع ڪرائجو." اسان جي اها گفتگو مسٽر سي. ايس شرما صاحب سان ٽيليفون تي ٿي. ڀارتي قونصل خاني جا ٽيليفون نمبر هي آهن: 512542 ۽ 514310

اسان جون ٽڪيٽون نورچشم آفتاب احمد هڪ ٽريول ايجنسي يونائيٽيڊ جي معرفت ورتيون هيون. فلائيٽ 24 تاريخ 3 بجي شام جو هئي. جيئن ته اسان کي ويزا جو چڪر پئجي ويو. جنهن ڪري ايجنسي تي وڃي ٽڪيٽون ڪينسل ڪرايون ويون. هڪ ڳالهه ايجنسي جي انچارج مسٽر سهيل سمجهائي ته توهان جا نالا ڪمپيوٽر ۾ آيل آهن. اها ڪونه ٽا ڪترايون. جي ويزا سڀاڻي شام جو 5 بجي تائين ملي ٿي وڃي ته ٽڪيٽ ايئرپورٽ جي آفيس مان وٺي ۽ بوڪنگ آفيس تي وقت کان اڳ پهچي وڃجو. انشاءَالله تعاليٰ نه ڪم ٿي ويندو.

هن وچ ۾ نورچشم آفتاب احمد ڳوٺ ويو هو. جو منهنجي سفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لاءِ پئسن جو انتظام ڪرڻو هيس. اهو 23-تاريخ صبوح جو آيو. پوءِ ويزا فارم پري جيڪي ٽي فارم هر هڪ جا ٽين ٽا ۽ هر هڪ تي فوٽو لڳائجي ٿو، پري انڊيا قونصل خاني ۾ ڏيڻ لاءِ وياسون. گهڻي جفاڪشيءَ بعد اسپيشل گيٽ کان اندر وڃڻ جو موقعو مليو. اتي مسٽر سي. ايس شرما صاحب سان ملي، ڪاغذ پاسپورٽ ۽ ويزا فارم جمع ڪرائي، رسيدون ورتيون سون. جنهن تي 24-تاريخ لکي ڏنائون. پوءِ شهر ۾ اچي ضروري ۽ اهم خريداري ڪئي ويئي. مون کي ته پنهنجي پٽ ائين سينگاري تيار ڪيو گويا گهوٽ بڻايائين. شال ڏٽي پاڪ ڪيس صحت سرير جي ۽ چڱي چال دائمي نصيب ڪري. انڊين قونصل خاني تي ماڻهن جي گهماگهمي آهي. ٻه اڍائي هزار ماڻهو عورتون ۽ مرد حاضر رهن ٿا. جن کي ويزا ونڻي پوي ٿي. قونصل خاني جو انتظام مون کي ڏاڍو پسند آيو. سندن روش ٻه سٺي آهي.

24-تاريخ شهر جو ضروري ڪم ڪار لاهي، شام جو 5 بجي پارٽي قونصليٽ وياسون. ٻاهران ماڻهن جو انبوه ڏسي وائڙا ٿي وياسون. اتي ڪي ڪاروباري ماڻهو ٻه هئا. ڪي ٻٽون پيا وڪڻن، ڪي وري صحت جا سرٽيفڪيٽ ۽ ويزا فارم پيا وڪڻن. ويزا فارم جي قونصليٽ طرفان ڪابه في نه آهي. مگر هي ماڻهو في سيٽ ڏهه روپيا پيا وڪرو ڪن. صحت جا سرٽيفڪيٽ ٻه ميڊيڪل آفيسرن جا صحيح تيل ۽ مهرون لڳل تيار ڪيون بيٺا آهن صرف ٻاهر وڃڻ واري جو نالو پورو ۽ تاريخ پيا لکن. اهو سرٽيفڪيٽ ڏهن کان پندرهن روپين ۾ ڏين پيا. اسان ٻه اهي سرٽيفڪيٽ خريد ڪيا. مگر پوءِ قونصليٽ جي ديوار تي لڳل هدايتون پڙهيم ته اهو سرٽيفڪيٽ ضروري نه آهي.

ويزا ونڻ لاءِ گيٽ جيڪا اسپيشل آهي، ان تي وجي چوڪيدار کي چيوسون ته ڪالهه اسپيشل طور هتان ئي وياهئاسون، توهان اندران پڇا ڪريو. ان فون تي اندران پڇا ڪئي. پوءِ اسان کي اندر ڇڏيائون. ٽڪڙ ۾ وجي ان دريءَ تان ويزا ۽ پاسپورٽ ورتاسون. جتان جمع ڪرايا هئاسون. اها ڳالهه وسري ويئي ته في ويزا جي =/15 روپيه آهي. حڪا پهرئين ڏينهن جمع ڪرائي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن ماڻهن جو انبوهه ڏنو ويو، تڏهن اتي پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هزار کن ماڻهن کي اڌ ڪلاڪ جي اندر ويزا ۽پاسپورٽ واپس ملي ويندا. هي ڪم جا پڙ ۽ هوشيار آهن. ويزا ۽ پاسپورٽ وٺي جڏهن ٻاهر نڪرڻ ٿيو ته هڪ همراهه اچي پهتو، جنهن چيو ته پنهنجي شناخت ڪرايو. ته ڪالهه کان وٺي توهان اسپيشل نموني اچو وڃو ٿا، سو ڇو؟ پوءِ پنهنجو تعارف ڪرايو ويو ۽ ان کي حقيقت کان آگاهه ڪيو ويو، هو هڪ انٽيليجنس آفيسر هو. جنهن پنهنجو فرض پورو ڪيو.

25-تاريخ صبوح جو ٽڪيٽ جي ڪوشش ڪئي وئي. جناب پيرزادي صاحب جو هڪ دوست سيد شفيع محمد شاهه ۽ نورچشم آفتاب احمد جي ڪوشش سان باوجود جمع جي ڏينهن جي ٽڪيٽون ملي ويون. منجهند جو 2 بجي ڌاري هوٽل مان نڪري ايئرپورٽ تي 3 بجي پهتاسون. ضروري جانچ پڙتال بعد بورڊنگ ڪارڊ ملي ويو. پوءِ نورچشم آفتاب احمد کان اشارن سان موڪلائي لائونج ۾ وڃي وينا سون. ايئرپورٽ بين الاقوامي پائيي جو سهڻو ماڳ آهي. ايئرپورٽ، جنهن کي هوائي اڏو چوندا آهيون. ان جي لائونج (پليٽ فارم) تي مسجد آهي، ان سان لڳيتو جيڪي ڪاڪوس ۽ غسل خانہ آهن، تن ۾ صفائي نه آهي. پيشاب ڪرڻ لاءِ عورتن واسطي الڳ جاءِ ضرور نه آهي. پيشاب ويهي ڪرڻ جي به سهوليت نه آهي، جيڪا ڪانئچ واري ماڻهوءَ کي سخت تڪليف ڏئي ٿي. ڊيوٽي فري شاپ ملڪ اسان جي ۾ ۽ سامان ٻاهرين ملڪن جو گهٽو اٿن. مهانگائي جو پيو اهڙو مرڪز نه ليندو. هوٽل جو حال پورو سارو آهي. ٽيلفون جي سهولت آهي. مگر دهلي هوائي اڏي جيان مفت نه آهي. مسافرن کي هدايتن واسطي انگريزي ۽ اردوءَ ۾ هدايتون لائوڊ ذريعي ملن ٿيون. آواز صاف نه آهي، جيڪي ماڻهو انهن ٻولين کان ناواقف آهن، سي ٻين مسافرن کان پڇن ٿا.

اسان جنهن وقت لائونج ۾ وڃي ويناسون، ته جده ۽ دبئي لاءِ به ويندڙ مسافر وينل هئا. ڏاڍي رش هئي. لائونج ۾ ٽي.وي به هلي رهي هئي. سيئي آواز گڏ ٿيا ته هڪ عجيب قسم جو شور برپا ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪسٽم جو عملو. سيڪورٽي وارا ۽ پي آءِ اي وارا پنهنجي پنهنجي مخصوص پوشاڪن ۾ ملبوس هئا. اتي چار سک به موجود هئا، جيڪي پنهنجي سنسڪرتي ۾ نشانبر هئا. سندن پگڙي ٻڌڻ جو انداز ۽ ڏاڙهي جو نمونو ڪين چٽو ڪري رهيو هو. ڪي يورپين عورتون اڌ ڍڪيل جسم سان هلي رهيون هيون. هڪ يورپين عورت سگريٽ جا ڪش هڻي، ائين دونهون ڪڍي رهي هئي جيئن اسان وٽ ڪو گڙنگ، موالي سلفيءَ جا سوٽ هڻندي دونهون ڪڍندو آهي. چند جپاني لوگ پڻ پنهنجي هيئت سان صوفن تي آرام سان ويٺا هئا. ڪي ماڻهو احرام ٻڌن پيا ۽ ڪن ڪي احرام ٻڌل هو. انهن جي پرواز جده لاءِ هئي. سڀ کان اڳ انهيءَ پرواز جو اعلان ٿيو. ان بعد دبئي جي اڏام جو ٻڌايو ويو. جڏهن اهي ماڻهو نڪري هليا ته باقي پارت وڃڻ وارا وڃي رهيا سون. انهن ۾ هندو، انگريز، سک، مهاجر (هندو ۽ مسلمان) ۽ سنڌي (مسلمان) هئا. اوچتو ڪن تي پڙلاءُ پيو، جيڪو انگريزي ۾ اول ۽ پوءِ اردو ۾ هو. جنهن جو مٽن هن ريت هو ته، "پي آءِ اي جو جهاز اڏام نمبر 290 جا مسافر گيٽ نمبر 4 کان اندر اچن." دل ڌڙڪڻ لڳي. بسم الله پڙهي اٿيا سون. گيٽ تي چڱي موچاري قطار لڳي ويئي. گيٽ تي بورڊنگ ڪارڊ ڏسندا ۽ جامہ تلاشي وٺندا، اندر موڪليندا ويا. گيٽ سان لاڳيتو بسون بيٺل هيون، اتاوليءَ مان هرڪو بس تي چڙهڻ لڳو.

بس جونمونو عجيب آهي. اڳيان ۽ پويان هڪ هڪ وڏي ويڪر جيتري بينچ آهي ۽ وچ خالي آهي. اهو ان ڪري آهي ته ڪراڙا، ٻار ۽ بيمار انهن تي ويهن باقي نوجوان ۽ چڱا ڀلا بيهي رهن. مگر مسافرن ۾ اهو احساس ڪونه آهي. بس جا ڦيٿا ننڍا آهن. تيز هلي ٿي. جهاز 300 فوٽن تي مس ٿيندو. مگر ڪو قانون آهي، جو پيادل هلڻ نٿا ڏين. جهاز جي ڏاڪڻ جي پرسان هلي بس چڙيو. بس مان لهڻ سان، ڏاڪڻ تي چڙهڻ سان ۽ جهاز ۾ داخل ٿيڻ سان جان جي تلاش ورتي وڃي ٿي. مون ڪي دل ۾ آيو ۽ پرسان پنهنجي ساٿي سائين گوهر صاحب جن کي مرڪندي چيم "سائين جهاز اغوا ڪيئن ٿا ٿين؟" هن به مخصوص مرڪ سان جواب ڏنو، جنهن ڪي مان پروڙي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هت اها حقيقت بيان ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان تہ، ڪنهن بہ ٻاهرئين ملڪ وڃڻ لاءِ پوءِ اهو سرڪاري دورو هجي يا نجي، وڃڻ کان اڳ جن مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو، انهن ڳالهين کان اسان کي ڪنهن بہ واقف نہ ڪيو آهي. جيڪي سفرناما لکيل آهن، اهي ان حقيقت کان قاصر آهن.

مون کي جيڪي دشواريون پيش آيون، تن جي اپٽار ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان، انهن دشوارين مان هي نتائج اخذ ڪيا اٿم:

(الف) هر پڑهيل ۽ خاص ڪري اديب ۽ شاعر کي پاسپورٽ نهرائڻ گهرجي.

(ب) ڪنهن بہ ملڪ وڃڻ لاءِ پروگرام کان اڳ هڪ مهينو ان ملڪ جي سفارتخانہ يا قونصليٽ سان رابطو رکڻ گهرجي.

(ت) هوائي جهاز جي ٽڪيٽ لاءِ ڪنهن بہ ايجنسي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو اڳ ڳالهائجي.

(ث) جيڪو خرچ جو تخمينو لڳايو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ ان کان ٻيڻا پيسا هجن.

(ج) گورنمينٽ ملازم جي حيثيت ۾ هوم ڊپارٽمينٽ جي اجازت نهايت ضروري آهي.

(ح) جيستائين بورڊنگ ڪارڊ نٿو ملي تہ جهاز جي ٽڪيٽ ڪا حيثيت نٿي رکي، ان ڪري بورڊنگ ڪارڊ لاءِ 72 ڪلاڪ اڳ ڪوشش ڪجي.

(خ) ايئرپورٽ تي جيستائين خاطري ٿئي، تيستائين موٽندڙ ساٿي گڏ ضرور هجي.

هر ملڪ جي ايئرپورٽ جي حد نياري حيثيت واري آهي. هت سڀ انسان آهن. ڪنهن کي بہ ڪنهن سان نفرت نہ آهي. مسلمان، سک، هندو، عيسائي ۽ ٻڌ هڪٻئي کي محبت جي نظر سان ڏسن ٿا. لائونج ۾ چانهہ پيتي سون. ٽڪيٽ وٺڻ کان اڳ سگريٽ ڇڪڻ ڇڏي ڏنم. جو جهاز ۾ سنگت کان ڌار ويهڻو پوي ها. چوندا آهن تہ ”پڪل

جهاز ۾ تحرڪ پيدا ٿيو. عملي جي طرفان سفر جي خيريت بسر ٿيڻ لاءِ اها دعا گهري ويئي، جيڪا حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سفر تي اسرڻ وقت گهرندا هئا. ان ڪان پوءِ هدايتون سگريٽ نوشي ختم ڪرڻ ۽ پٽا ٻڌڻ بابت اردو ۽ انگريزيءَ ۾ مليون.

هن ڪان اڳ جڏهن اهل قلم ڪانفرنس لاءِ هن ئي هوائي اڏي تان اسلام آباد لاءِ جهاز ۾ سوار ٿيو هيس ته طبيعت ۾ مونجهه ۽ گهبراهٽ ٿي هئي. اج طبيعت ۾ تازگي ۽ نوبنائي آهي. البت جهاز جو رن وي تي هلڻ سبب شور سبان ڪنن تي تاڙيون آهن. هي سفر انوکو ۽ نرالو ٿو لڳي. ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ ڪان اڏام ٿي آهي ۽ ٻڌايو اٿن ته 90 منٽن ۾ اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڏهلي تي هلي لهبو. دهلي جو نالو منهنجي لاءِ نئون ته نه آهي. سنڌي پنجين درجي پڙهڻ ڪان وٺي جاگرافي ۽ تواريخ ۾ ان شهر جو نالو پڙهيم. ڪيترا سال ان شهر جي نالي کي نقشن تي ڏسندو رهيس. ڪيترين محفلن ۾ هن شهر بسنبت هزار داستان ٻڌندو رهيس. جن مان کي مقولا هت لکجن ٿا:

1- "هنوز دلي دور است."

2- "دهلي جو شهر ڪيئن لڏيندو"، "هر ڪو پنهنجا ٽپڙ ڪٽندو."

3- دهليءَ جا نگ.

4- هندستان جي گادي جو هنڌ، "دهلي".

5- سلسله نقشبنديه جو هند ۾ داعي خواجه حضرت باقي باالله قدس سره جو مدفن دهلي ۾ آهي.

6- قطب مينار، لال قلعو، جامع مسجد، سرمد شهيد، ابوالڪلام آزاد، امير خسرو ۽ خواجه نظام الدين اولياءُ جون مزارون دهلي ۾ آهن.

اهي سڀ حقائق ٻڌائن ٿا ته دهليءَ سان منهنجو اٽوٽ رشتو آهي، منجهس منهنجا مربي ۽ محسن رهيا آهن. سنڌ جا ڪيترا اولياءِ درشه دهلي ويا آهن. منهنجي مرشدن جي مرشد جو پير خانه دهليءَ ۾ آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندم روحاني مرشد سلطان الدين خواجه محمد زمان قدس سره لنواري شريف واري جو مرشد حضرت خواجه ابوالمساڪين محمد نٿوي قدس سره دهليءَ ۾ رهيو آهي.

جهاز ۾ اخبارون مليون، رات جي ماني به ملي. ماني واپرائڻ بعد اعلان ٿيو ته "پٽا ٻڌو، سگريٽ وسايو، جو چند منٽن ۾ زمين تي لهڻ وارا آهيون." هڪ جهٽڪي سان جهاز زمين تي هلي آخر بيٺو. دروازو کليو، سڀڪو مسافر اٿيو ۽ ٻاهر نڪرندو رهيو. هڪ ڏگهي ڍڪيل بازار مان لنگهندي، لائونج ۾ پهتاسون. هتي پاسپورٽ ۽ ويزا جي چڪاس شروع ٿي. قطارن ۾ مسافر بيهي ويا. ضروري چڪاس بعد ٻاهر آياسون. جيڪو سامان ڪراچيءَ ۾ بجليءَ جي هلندڙ پٽي تي رکيو ويو هئو. اهو هتي به اهڙي ئي پٽي تي اندران ٻاهر اچي پيو. هر هڪ پنهنجو سامان سڃاڻي کڻي رهيو هو.

اسان کي وٺڻ لاءِ سيمينار جي اراڪين طرفان دادي... لائونج ۾ اچي پهتي هئي. سنڌي اجرڪ اوڍيل هيس ۽ هٿن ۾ ماروي نالي ڪتاب هيس. جنهن تي اسان ڪيس سڃاڻي ورتو. هوءَ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان ملي. اتي ڪي ٻيا مهمان به هئا، جن سان گڏجي گاڏين ۾ سوار ٿي، رهائش واري جاءِ تي رات جو 12 بجي پهتاسون. اسان کان اڳ پهتل دوستن اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو. حال احوال ٿيا. دير سان 3 وڳي ڌاري بستري تي ليٽڻ سان ننڊ سڻي اچي ويئي.

منهنجو نيم ٿي ويو آهي ته صبوح جو سوير 5 بجي جي لڳ ڀڳ سڄاڳي ٿيندي آهي. هت به ٿڪاوٽ ۽ اوجاڳي جي ڪري به ساڳي وقت تي اٿيس ۽ چپ چاپ ۾ ٻاهر نڪري بيٺس. شهر ۾ سانت هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن گاڏيءَ جو آواز اچي پيو. بعضي بعضي ڪتن جون ڀونڪون به ٻڌجن پيون. ضروري حاجات لاهڻ بعد غسل ڪري ڪپڙا تبديل ڪيم. چاڪاڻ ته اهڙن ميڙن ۾ صبوح جو سج اڀرڻ بعد غسل خاني ۽ جاءِ ضروري تي ڀيڙ لڳي ويندي آهي. ان ڪري مون سيني کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ اهو ڪم پورو ڪري، سائين غوث محمد ۽ پياري درگاهي ڪي بہ صلاح ڏنم، جن پڻ تيار ٿيڻ ۾ جلدي ڪري ورتي.

سڄ ايرڻ سان ئي چانهہ بسڪوٽ مليا ۽ ناشتي ۾ بہ دير ڪانہ ٿي. ميزبان ادي وينا شرنگي بہ اچي پهتي ۽ وڏي پاٻوهہ ۽ اڪير سان ملي. پلي ڪار ڪيائين. پوءِ سڀ گڏجي ناشتي تي وياسون. ناشتي بعد گاڏيءَ ۾ سوار ٿي سيمينار واري جاءِ تي وياسون. جتي پارت جا سنڌي وڏي پاٻوهہ، پيار ۽ نياز سان ملندا رهيا.

سيمينار 25- تاريخ کان شروع ٿيو هو. اسان ويزا جي چڪر جي ڪري هڪ ڏينهن دير سان پهتاسون. جنهن ڪري سيمينار جي افتتاحي ڏينهن وارو جشن ڏسي نہ سگهياسون.

جڏهن سيمينار هال ۾ پهتاسون تہ ائين پئي محسو ٿيو تہ هي سڀ شخص جيڪي ظاهر ۾ تہ اڻ ڏٺل آهن، مگر انهن سان ڪو روح جو اٽوٽ رشتو آهي. سيمينار جي ڪارروائي شروع ٿي. محترم غوث محمد پيرزادي صاحب کي مهمان خاص بنايو ويو. اهو شرف الڪبير اڪيڊمي کي مليو آهي. سنڌ مان آيل ٻين جن دوستن کي اسٽيج تي سڏي ويهاريو ويو، تن مان محترم فتاح ملڪ ۽ محترم جام ساقي آهن. هن اجلاس جي صدارت شري ڪيرت ٻاٻاڻي ڪئي. هي سيمينار جنهن هال ۾ ٿي رهيو آهي، تِنهن جو نالو ”ڪانسٽيٽيوشن ڪلب اسپيڪر هال“ آهي.

ابتدائي تقرير شري ڪيرت ٻاٻاڻي ڪئي، ان بعد ميان غوث محمد صاحب کي دادي وينا وڏي اڪير ۽ سڪ سان خطاب ڪرڻ لاءِ سڏيو. ان بعد هند جي اديب ڊاڪٽر ڪيسواڻيءَ ۽ سنڌ جي اديبہ ادي زاهده ٿيبو کي سڏ ٿيو. زاهده ٿيبو ڊاڪٽر دودو مهيري جو پيغام پڙهي ٻڌايو ۽ بيٺڪ پوري ٿي. ٻي نشست شروع ٿي جنهن جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ مسٽر عادل سخيراڻي کي سڏيو ويو. صدارت شري ڪيرت ٻاٻاڻي ڪئي. هن نشست ۾ جن مقالا پڙهيا، تن جا اسماءِ گرامي هن ريت آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اتم چنداڻي، پيارو انعام پتي مهراڻ يونيورسٽي حيدرآباد جو طالب علم، ۽ سنڌ جي بزرگ استاد قاضي محمد احمد سابق پرنسپال لا ڪاليج حيدرآباد تقرير ڪئي. قاضي صاحب سوڪڙيون پاڪڙيون هند جي اديبن کي ڏنيون. خاص تحفو سنڌوءَ جي پاڻي جو هڪ ڪولر هن جنهن مان هر هڪ هندو واسي تبرڪ طور هڪ هڪ ڍڪ پاڻيءَ جو پيو. ان بعد چانهه جو وقفو ٿيو. جنهن ۾ هند جي اديبن ۽ دوستن ڪتابي تحفا به ڏنا.

ٽين بيٺڪ شروع ٿي ته، هن جي ڪارروائي جي شروعات ۾ حميد سبزوئي کي سڏايو. جيڪو ڪراچيءَ يونيورسٽي ۾ پڙهندو آهي. سندس ڳوٺ ڪنڌڪوٽ آهي. بعد ۾ ارجن هندي ۽ ان ڪان پوءِ راقم الحروف (محمد پناهه ڦرڙو) کي سڏ ٿيو. منهنجي مقالي جو عنوان هو "ساميءَ جي سکيا". جيڪو بيحد پسند پيو ۽ هر هر تاڙيون وڄنديون رهيون. ان بعد محترم فتاح ملڪ جيڪو سکر جو نامور وڪيل ۽ مشهور شاعر آهي، ان کي سڏيو ويو. جنهن تقرير نهايت مدلل ۽ مناسب ڪئي. ان بعد صدارتي خطاب لاءِ ڪيرت ٻاٻاڻي کي سڏيو ويو. جنهن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي منهنجي مقالي جي ساراهه ڪئي، سندس تقرير سوز ۽ محبت جو سنگم آهي. سندس تقرير جو مکيه مقصد آهي. "هينئر سنسار کي سنڌ جي صوفين جي سکيا جي ضرورت آهي." اهو به چيائين ته جيئن برلن ديوار ٽٽي آهي تيئن شل هت به ديوارون ٽٽن. ان بعد جام ساقي جيڪو پيارو دوست ٿي ويو آهي. تنهن جي فرمائش تي هوند راج دکايل کي اسٽيج تي گهرائي ۽ هڪ ڪلام جي ڳائڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي. هوند راج دکايل جو نالو هر سنڌي اديب ۽ شاعر ۽ راڳ جي عاشق لاءِ نئون نه آهي. هن جي آواز ۾ سوز، ميناج ۽ نمڪيني آهي، سندس آواز سريلو ۽ نغمگي وارو آهي. هن به ڪلام چيا:

- پون ڪڙي پيهي تي پيارا ڪريان پوڪار،
  ڪانو تڙي تو طرف مجان ٿي من من کو پهچي پار.

پيو ڪلام:

• اکڙيون آليون روئن رت ڀيا ليون.

ان بعد سيمينار جي ڪارروائي ڪي مکيہ مهمان خطاب ڪيو ۽ ان بعد مانيءَ لاءِ وٺي هليا. هن وقت 30-2 ٿيا آهن.

مانيءَ ڪائڻ بعد 30-3 سيمينار جي هال ۾ پهتا سون. اجلاس جي شروعات 4 بجي ٿي. هڪڙي نشست سوالن جوابن جي بہ هلي. جيڪا مزيدار هئي. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل بہ ٿي.

هن بيٺڪ مان مون جيڪي نتيجا ورتا سي هي آهن:

1- هند جي واپار تي گهڻو قبضو سنڌين جو آهي.
2- سنسڪرت ڳالهائيندڙن جو تعداد 2500 آهي.
3- مهيشري مهراج هڪ ڪروڙ ڪن ٿيندا. مگر سڌريل نہ آهن.
4- ڀارتي آئين مطابق 1967ع کان وٺي 15 ٻوليون قومي درجي تي آهن، جن ۾ سنڌي بہ هڪ آهي ۽ سندس نمبر انون آهي.
5- ڀارت ۾ 105 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.
6- سنڌي هندن جي پڙهيل طبقي جو تعداد 95 سيڪڙو آهي.
7- دهليءَ ۾ سنڌي هڪ لک ڪن ٿيندا.
8- جئپور شهر ۾ سنڌي بہ لک ڪن ٿيندا.
9- هند جا نوجوان سنڌي فنڪشن ۾ شوق سان حصو نٿا وٺن.
10- هند ۾ اسي سيڪڙو سنڌين جا ڪارخانا آهن.
11- هند جي سنڌي اديبن ۾ بہ تفرقہ بازي آهي.
12- هند ۾ پي.ايچ.ڊي بہ سنڌي ۾ ٿئي ٿي، مگر لکجي ديوناڳري لپيءَ ۾ ٿي.
13- ڀارت ۾ سنڌي اثارتي وارن کي، گورنمينٽ آف انڊيا کان اينٽري امداد ۽ گرانٽ ملي ٿي، جيڪا هو کپائي نٿا سگهن ۽ پئسا واپس ٿين ٿا.

جسٽس ايسراڻي صاحب (راجستان هاءِ ڪورٽ جو جج) سنو ڳالهايو. ٻڌي ۽ امن بابت سنيون هدايتون ڏنائين. گڏوگڏ جيپور اچڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دعوت ڏنائين. آخر ۾ اهو چيائين ته، ”اسان سنڌين کي، پارت ۾ سڀ ڪي مليو آهي، باقي پنهنجي زمين نه آهي، جنهن کي سنڌ سڏيون!“

اجلاس جي صدر سنڌي سماج جي قائم ٿيڻ لاءِ زور پريو. سنڌس موقف هو ته، ”پارت جي صوبن ۾ بغاوت ۽ گڙٻڙ پاڪستان سرڪار ڪرائي رهي آهي.“

آخر ۾ راڳ جي محفل ٿي، جنهن ۾ سيڪو جهومي رهيو هو. ڳائڻ واري جو نالو مسڪين آهي. پنهنجا ڪلام چيائين انهن مان سنڌن منڊ يا ٿلهه هن ريت آهن:

- ”سانگيئڙا وبني ساربان شل ايندم سي ڪاهي.“
- ”محب منو منهنجي اڱڻ ۾ آيو،
  ٿيندم شل منهنجو لايو سجايو.“

تاڙين، ڌنيواد ۽ شڪريه جي گونج ۾ محفل پوري ٿي.

اڄ ڪاڏي پيتي جي احتياط هوندي به زڪام سخت حملو ڪيو آهي. رات جي مانيءَ لاءِ رهائش واري جاءِ تي پهتا آهيون. رهائش برلا مندر جي پاڙي ۾ سواتي بلڊنگ سان لاڳيتو ڪميونٽي سينٽر ۾ آهي. ان جاءِ جي ٻاهران فوٽ پاٿ تي چانهه پيئڻ لاءِ وياسون. ڪامريڊ چام ساقي به گڏ هليو. چانهه ۾ ادرڪ ۽ ٻيا مصالح وجهن ٿا. چانهه جو ذائقو تمام لذيذ آهي. زڪام لاءِ ته خاص علاج آهي. ماني کائي ويناسون ته هند جي اديبن ۽ شاعرن ڪيترن ئي ڪتابن ۽ اخبارن کي سوکڙي طور پيش ڪيو.

محترم ڊاڪٽر شرما ڪيسواڻي صاحب مليو، هن شخص دهليءَ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي. جنهن جو عنوان آهي. ”سنڌي ڪويتا ۾ صوفين جي سکيا“ جيڪو ديوناگريءَ ۾ ڇپيو آهي. واعدو ڪيائين ته سڀاڻي اهو ڪتاب سوکڙي طور توهان کي ڏيندس. مگر پڇاڙيءَ تائين ڪونه مليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## 27-10-91

الله پاڪ جي نالي سان شروع ٿو ڪريان.

خير سان سج اڀريو آهي. ضروري حاجات لاهڻ بعد تيار ٿي هي الفاظ لکي رهيو آهيان. جيئن ته اڄ مشاعرو آهي، ان ڪري پنهنجي ڪوينتا مان چند نظم، دوها، چؤسٽا، وائي، ڪافي، منقبت ۽ غزل نموني طور چونڊي لکي رهيو آهيان. نيرن بعد سيمينار ۾ شرڪت لاءِ پهتاسون. سيمينار جي پهرئين بيٺڪ ۾ مک مهمان طور دادي سندري اتمچنداڻي کي سڏيو ويو ۽ صدارت لاءِ الڪبير اڪيڊمي جي سرپرست سائين غوث محمد گوهر کي گهرايو ويو. اسٽيج جي سيڪريٽري لاءِ سنڌ جي نوجوان انعام يافته کي چيو ويو. مقالن پڙهڻ وارن ۾ محترم عادل سخيراڻي کي اول سڏ ٿيو. جنهن سنڌ جي صوفين جي سکيا تي ڀرپور مقالو لکيو هو ۽ اعتماديءَ سان پڙهي رهيو آهي. مقالي ۾ محنت ڪيل آهي.

ان بعد ڊاڪٽر ڪرشن دوداڻي جو آمريڪا کان موڪليل مقالو مسٽر ديال موٽواڻيءَ کان پڙهايو ويو. هي مقالو محنت سان لکيل آهي، مگر مسٽر موٽواڻي پڙهڻ ۾ اينترو رس نٿو ڏيکاري.

هينئر ڊاڪٽر ڪيسواڻي کي انعام يافته سڏ ڪيو آهي. سندس مقالي جو سرو هن ريت آهي، ”سنڌي ڪلام ۾ صوفي مت“ مقالو سهڻو، سنو ۽ اثر وارو آهي. سنڌ جي گهڻن ئي نمائنده صوفي شاعرن جي ڪلام جا حوالا ڏنا اٿس. آواز به سندس سنو آهي. اناالحق جي معنيٰ ڪيائين ”آءٌ حق جو وجود آهيان.“ جنهن جو مفهوم ٿيو، ”حق جي سکيا ۾ جذب ٿيڻ“.

هاڻي پيٺ اوشا نارائڻ کي سڏ ٿيو آهي. هيءَ ننڍي نيٽي ڪماري آهي. شاه سچل ۽ سامي جي سري سان ليک پڙهيائين. خود اعتمادي واه جي اٿس. اها ئي اديب ۽ ليکڪ جي ڪاميابيءَ جي نشاني آهي. مون کي مقالو ڏاڍو پسند آيو. ان بعد دادي وينا شرنگيءَ جي فرمائش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي، مون کي اسٽيج تي گهرائي، سنڌ کان موڪليل هڪ مقالو پڙهايو ويو. اهو مقالو بلڙي منجهان ابراهيم سنڌيءَ جو موڪليل هو. مقالو پڙهيم. ايڏي وڏي معيار جو مقالو نہ آهي، آخر ۾ هڪ بيت شاھ لطيف رحہ جو ڪري لکيو اٿس. مون ان جي اتي وضاحت ڪئي تہ اهو بيت شهيد عبدالرحيم گرهوڙي جو آهي. چانهہ جو وقفو ٿيو. ٻاهر لان ۾ ۽ هال ۾ فوٽوگرافن جو ميڙو متل هو. اسان بہ فوٽا ڪڍرايا. ٻي بيٺڪ شروع ٿي، ادي وينا. هڪ دوست جو موڪليل مقالو پڙهيو. مقالي پڙهڻ ۾ ٽاڻ سنو موڪيائين. ان بعد محترم غوث محمد گوهر صاحب کي سڏ ٿيو. سندن مقالو پر مغز، ڪم جهڙو ۽ داد ملندڙ ثابت ٿيو. آخر ۾ نئين آيل سامي اڪيلچ جي مهراج کي آدرش ڏيڻ لاءِ سڏ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مشاعري جي محفل

مشاعري جي ابتدا شري هوندراج دکايل کان شمع جلائي ڪرائي وئي. اسٽيج جي ڪارروائي محترمہ زبيده ٽيبو صاحبہ هلائي. جنهن پنهنجي سندر ۽ سلوڻي آواز سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جي هن بيت سان ڪئي.

"سر نسريا پاند اتر لڳاءِ آءِ پرين."

مشاعري ۾ جن شعراءَ ڪرام حصو ورتو انهن جا اسماءِ گرامي هن ترتيب سان آهن: موهن اداسي، هوتو پياسي، گوردن تنواڻي، انعام پٽي، جيئرام، عادل سخيراڻي، ارجن چاولا، محمد پناهه قرڙو، نيلو ميگ، حميد سبزوئي، راجڪمار مسند، وينا شرنگي، فتاح ملڪ ۽ جام ساقي، هوندراج دکايل ۽ غوث محمد گوهر. هن مشاعري جو محور هوندراج دکايل ۽ مک مهمان غوث محمد گوهر جن هئا.

هن مشاعري جي درميان سامي اڪليج جي مهراج صاحب جيڪو اعزازي مهمان هو. تنهن پڻ آديش ڏنو.

سندس تقرير جو مول مقصد هن ريت آهي:

"خدا کي سختي پسند نہ آهي، ان ڪري زبان ۾ هڏي نہ وڌائين، تہ سخت (خراب) لفظ نہ ڳالهائي. ڪنن ۾ هڏو نہ وڌائين تہ جيئن سخت (خراب) الفاظ نہ ٻڌو، دل ۾ هڏو نہ آهي، تہ ان جو مقصد ٿيو تہ سخت دل نہ ٿيو ۽ شرمگاهہ (مردن خواهہ عورتن) ۾ هڏو نہ آهي تہ جيئن شهوت جي خيالن ۾ سخت نہ ٿيو ۽ اکين ۾ بہ هڏا نہ آهن، ان لاءِ تہ ڪنهن ڏانهن بہ سختيءَ سان نہ نهاريو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ٻه چيائين ته ”مون کي ڪلمو پنهنجي هندو گروءَ پڙهايو ۽ سمجهايو آهي، سو مون کي جڏهن خبر پئي آهي ته هن سيمينار ۾ سنڌ کان مسلمان آيل آهن، سو انهن کي اهو سبق ٻڌايان ٿو ته جيئن خبر پوي ته منهنجو سبق پڪو آهي يا ڪچو آهي.“ پوءِ ڪلمه توحيد ۽ ان جي شرح صوفياڻي انداز ۾ سٺي نموني ڪيائين. سندس پيغام هو ته ”پاڪ ۽ ڀارت هندستان جا ٻه پٽ آهن. هندي سنڌي آهن ۽ سنڌي هندي آهن. اهو ائين جيئن آتما ۽ پر آتما هڪ آهن. زبان کي پاڪ ۽ سماج کي سکيو بنائي اهو سنڌي آهي. هندو مان ”هه“ ۽ مسلمان مان ”م“ ڪڍي ”هم“ بنايو ويو آهي، هٺ جون اڱريون گڏيل آهن ته ايشور جو نالو ٿو نهي اگر آڱريون جدا جدا ڪبيون ته راڪش ٿو نهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شري رامچندر وکل

پارٽي پارليامينٽ ۾ تورائي وارن قومن جو نمائندو آهي. ڪانگريسي ڌڙي سان تعلق اٿس. ڪالهہ ڪان اجلاس ۾ ڏٺو اٿم: مگر ٻيا دوست ٻڌائن ٿا تہ پهرئين ڏينهن بہ حاضر هو. اجلاس کي خطاب ڪيائين. سٺو مقرر ۽ تجربيڪار سياستدان آهي. ٻڌايائين تہ مهاتما گانڌي سان گڏ ڪم ڪيو اٿم. سيني حاضرين کي سياٽي منجهند جي مانيءَ جي دعوت پارليامينٽ ڪيفي ٽيريا ۾ ڏنائين. سندس تقرير جو موضوع محبت، ڀائيچاري، اهنسا، ويدانت ۽ اسلام جي اصولن تي هو. نماز جا فائدا ايترا ٻڌايائين جو ٻڌندڙ دنگ رهجي ويا. هڪ هنڌ خطاب دوران چيائين تہ ... مانيءَ کائڻ کان پوءِ نماز پڙهڻ خاص ڪري سيمهٽي جي نماز تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ اها هڪ سٺي ۽ سولي ورزش آهي. کاڌو سهٽي نموني هضم ٿي، پنهنجو ڪم ڪري ڦوڳ ۽ پاڻيءَ جي صورت ۾ نيڪال ٿي ويندو. ورنہ کاڌو هضم نہ ٿيندو تہ، مادي مان جي بخار مغز ڏي ويا تہ ماڻهو خودڪشي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. پر جي مادي ۾ اهي بخار رهيا تہ دل تي بار ٿيندو جنهن کان ماڻهو هارٽ فيل ٿيندو."

سندس دعوت تي ٻئي ڏينهن پارليامينٽ هائوس راشٽر پتي ڀون چئجي ٿو، اتي هڪ بجي ڌاري پهتاسون. سخت چوڪسي ۽ چيڪنگ مان نڪري پارليامينٽ بلڊنگ ڏٺي وئي، هيءَ بلڊنگ انگريزي دور جو يادگار آهي. ڏاڪٽيون، ڪمرا، هال خواهہ وراندا ڪشادگي وارا ۽

هوادار آهن. ورانڊو هيٺ خواهه مٽي ڪليل آهي. نل گول آهن. دروازن جا ونگ 22 يا 24 فوٽ ڪن ٿيندا. گول نل جو گهيرو 10 فوٽ ڪن ٿيندو. اوساري پٿرن جي ٺيل آهي، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ 3 فوٽ هم چورس ٿيندا.

لوڪ سڀا خواهه راجيه سڀا جي ڪارروائي وارا هال ڏٺاسون. پارليامينٽ جي ڪارروائي بابت ٻڌايو ويو ته ڪيئن هلندي آهي. ووٽ ڏيڻ جو طريقو ڪمپيوٽرائيزڊ آهي. هر هڪ ميمبر ووٽ ڏيڻ ۾ آزاد آهي. هر ميمبر، هر هڪ ڳالهه ۾ ڪنهن به پسنديده ڳالهه ڪنڌڙ کي ووٽ ڏيئي سگهي ٿو. چاهي اهو ان جي پارٽيءَ جو هجي يا نه هجي، ساڍا ٽي وڄي ويا ۽ پوءِ گرڙ پکيءَ جيان اچي مانيءَ تي ڪيفي ٽيريا ۾ پهتاسون. جتي مسٽر رامچندر وکل صاحب اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو. ماني به کائيندا رهياسون. گفتگو به هلندي رهي، ٿڪاوٽ ۽ بُک دور ٿيا.

قطب مينار جي نزديڪ جيڪو جين ڌرم جو مندر هو، جنهن کي مسجد بنايو ويو. ان جي هڪ لوهي ٿنڀ تي جيڪو بيان لکيل هو (الائي کهڙي ٻوليءَ ۾ هو) ان جو اردو ترجمو ڪري لکيل ڪتبو:

(واه راجا) جس کے بازو پر تلوار نے ناموري نقش کردي. جب کہ ملک و ننگ (بنگال) کي لڑائي مين اس نے (اپني) سينہ زوري سے ان دشمنون کو تباه کيا. جو جمع هو کر اس کے مقابلے کي لئے آئے تهے. جس نے "سنده' کي سات دهانون کے عبور کرکے(1) قوم و ملک پر فتح پائي. جس کے شجاعت کي نسيم سے بحرِ جنوب آج تک مهک رها هے. جس مالک رحم کے افسره خاطر سا هوکر دنيا کو چهوڑ کر سفر آخرت اختيار کيا. اور شخص خود اس عالم (بهشت) کو سدهارا، جس کو اس نے اپنے اعمال سے حاصل کيا تها. (مگر)

(1) هن مان اها سڌ پوي ٿي ته سنڌو اهو ملڪ آهي، جنهن مان ست درياهه وهندا هئا. اهي حدون راجا چندر گپت گهراڻي جي وقت ۾ هيون. (پناهه)

وري کے سبب اس عالم مين باقي هے. جس کي اعداکش طاقت کا
ايک بڑے جنگل کي جل بجهي آگ کي بڑي•تيز حرکت کي مانند
تک زمين پر سے زائل نهين هوا۔ جس نے اپنے بازو سے حاصل کي
ي شهنشاهي کو مدتون قائم رکها. جس کا نام چندر (اور) جس
چهرے کا حسن پورے چاند کي مانند هے. اسي روئي زمين کے
ک (مهاراجا) نے جو وشنو کا بڑا بگهت تها. وشنو بگهوان کا بلند
ان وشنو پد پهاڑي پر نصب کيا. (چوتهي صدي کي) شري ست
نو پتر ناتهه جي کے بيٹے شريمت پندت بانکے راءِ نول کو سوامي نے
لات کے نعتيه کتاب کا يہ اردو ترجمو اس لوح پر لکهوايا- يکم
وري 1913ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيستائين ضلعو بلند آهي. پوءِ علي ڳڙهه ضلعي ۾ داخل ٿياسون. علي ڳڙهه شهر ۾ قديم درسگاهه يونيورسٽي آهي. يونيورسٽي جي زيارت صرف بس مان ڪئي ويئي، اناج جو سنو واپاري مرڪز بہ آهي. ڏاڍو ارمان ٿيو تہ علمي شهر جي ياترا نصيب ڪانہ ٿي.

ان ڪان پوءِ ساسني ۽ هٿ رس شهرن مان لنگهياسون. اناج جو وڏو مرڪز آهي. سوئر هت جام آهن. رنگ پورو اٿن. ائين ٿا گهمن جيئن اسان جي شهرن ۾ ڪتا گهمندا آهن. آخر 1-45 وقت تي آگره شهر ۾ پهچڻ ٿيو. سڌو قلعي تي وياسون. هوٽلون جام مگر ساديون آهن. ماني ڪائي پوءِ قلعي ۾ گهڙياسون. قلعي جي اندر پاڻ کي مغل دور جو باشندو سمجهڻ لڳاسون. پاڻ ۾ گفتگو پوءِ اها سانتيڪي هجي يا مذاقي، ان ۾ مغل دور جي جهلڪ سمائجي ويئي. هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي پسند آهي. ڪو ڪنهن محل ۾، ڪو ڪنهن جاءِ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو.

قلعي جي اندر عمارتن ۾ بدَ، هندو، مسلم ۽ عيسائي هنرن جو سنگم نظر آيو. ديوان عام، ديوان خاص، موتي مسجد، نگينہ مسجد، جهان آرا ۽ روشن آرا جا محل، جهانگير جي صغيرپڻ وارو وهنجڻ جو حوض (هڪ پٿر سان ٺڪيل)، شاهه جهان جو محل، جوڌا بائي جو مندر ۽ اڪبر بادشاهه جي بي زال مريم جي عبادت لاءِ چرچ، چاڪاڻ تہ اها عيسائي مذهب رکندڙ هئي. جهانگير پئلس، مينا بازار، اڪبر هائوس. مطلب تہ قلعي جي اندر سنو پاڻ کي وندرايوسون. اندر محلاتن ۾ فوهارا ۽ پاڻي جي اچ ۽ وڃ جو انتظام ڏنوسون، جيڪو عبرت وٺڻ جهڙو آهي. جاين ۾ اڪثر ڪري سفيد سنگ مرمر ڪتب آيل آهي. ٻاهر ميدان تي ڪاري سنگ مرمر (سَنگ سماڪ جو تخت) جي ٺلهي نهيل آهي. جنهن کي سنگ سماڪ چون ٿا. پٿرين تي خواهه ڇتين تي هندو مسلم هنر جو جوڙ نظر اچي ٿو. جاين کي دروازا پيل نہ آهن. يا تہ اهي ڪڍيا ويا آهن يا هُئائي ڪونہ. جيڪو گائيڊ هو تنهن ٻڌايو تہ درن تي پردا هوندا هئا. جاين جي صفائي وٽندڙ هئي. هتان نڪرڻ واڪ نہ پئي ٿيو. جيڪو پارت گهمڻ وڃي تنهن کي جڳائي تہ هن قلعي جو

دورو درشن ضرور ڪري. اگر ائين نہ ڪيائين تہ پڇتائيندس. هن قلعي ۾ نورجهان جي رهائش واري جاءِ ڏسڻ جي لائق آهي. جنهن ۾ چٽسالي، سنگ مرمر، گلڪاري اڄ بہ تازي پئي لڳي. ۽ اها اجا ڪيترو عرصو پاروتي نہ لڳندي. غسلخاني ۾ پاڻي جمنا نديءَ مان ايندو هو. جنهن جو انتظام ڪاريگرن مزيدار ناهيو هو. شاهجهان جو قيدخانو ڏٺو ويو. جتي پٽ اورنگزيب بند ڪيو هيس. اتان سندس زال جي مزار وارو مقبرو جنهن کي تاج محل ٿو سڏجي چٽو ۽ صاف نظر اچي سگهي ٿو. جڏهن اورنگزيب کي خبر پيئي تڏهن ٻيءُ تي ٻيو حڪم جاري ڪيائين تہ "صرف هڪ ان ڪائڻ لاءِ ڏيوس ۽ تاج محل کي پڻي ڏيئي ويهي." ان بعد شاهجهان بورچيءَ جي صلاح سان چٽڻ جو ان گهريو. جنهن مان بورچي لذيذ قسم جا کاڌا تيار ڪندو هو. ان بورچيءَ جي معرفت تاج محل ناهڻ وارو ڪاريگر گهرائي. ان کي ماجرا ٻڌايائين. جنهن ان قيدخاني ۾ هڪ جاءِ تي شاهجهان بادشاه جي منڊيءَ ۾ پيل هيرو لڳايو. جنهن ۾ نهارڻ سان تاج محل صاف ۽ سٺرو ڏسڻ ۾ پيو ايندو هيس. پوءِ ان جاءِ تي گائيڊ هڪ ننڍڙو شيشو لڳايو، اسان کي ڏسڻ ۾ آيو تہ تاج محل جو ان ۾ منظر اهڙوئي نظر پيو اچي، جهڙو تاج محل ڏانهن سڌو نهارجي.

قلعي جي اندر جيڪا مينا بازار لڳندي هئي، تن ۾ شاهي خاندان جون راڻيون ۽ ڪماريون خريداري ڪنديون هيون. شاميانن ٻڌڻ لاءِ لوهه جا ڪڙا بہ لڳل ڏٺا ويا. ديوان عام ۽ ديوان خاص ڪشادا، هوادار ۽ روشنائي وارا آهن. منجهن هر قسم جو آرٽ ڏيکاريل آهي. هي ديوان ڪورٽن جو ڪم ڏيندا هئا. منجهن اهڙو هنر آهي جو کهڙي بہ ڪنڊ کان يا پاسي کان ڪو شخص اٿي بيهي تہ هر ويٺل شخص ان کي ڏسي سگهيو ٿي ۽ ان جو آواز هر هڪ ٻڌي سگهيو ٿي. ان جاين تي ونگن ۽ ڪمانن تي عدل ۽ انصاف بابت قرآني آيات لکيل آهن. ديوان عام جي اڳيان فرار هئي. جنهن بابت گائيڊ راجندر سنکماٽي جيڪو اصل لاهور جو هندو هو. تنهن ٻڌايو تہ هڪ انگريز جي قبر آهي. جيڪو انگريز دور ۾ هتي ڪم ڪندي مري ويو ۽ وصيت ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئـــائين تہ هن هنڌ منهنجي قـــبـــر ڪجو. پوءِ اتان نہ چاهيندي بہ نڪتاسون. هت هڪ لطيفو پيش آيو، جيڪو گائيڊ هو، تنهن ڪوبہ اجورو نہ ورتو. جڏهن بس ۾ سوار ٿي تاج محل ڏانهن هلڻ لڳاسون تہ ڊرائيور کي چيائين تہ تاج محل وڃڻ کان اڳ هن طرف هلو جو ضروري ڪاغذات وغيره اتي چيڪ ٿيندا. پر جنهن طرف گائيڊ وني هليو اتي ڪابہ چيڪنگ وغيره ڪانہ هئي. اتي شو روم هئا، جتي رانديڪا ۽ ٻيو هئنڊيڪرافٽ جو سامان هو ۽ سخت مهانگو هو. اتي ڇڏي گائيڊ گم ٿي ويو. پوءِ خبر پئي تہ اهڙا ماڻهو شو رومن وارن جا رکيل آهن. ڪلندي ڪلندي واپس تاج محل آياسون.

تاج محل ۾ اندر وڃڻ لاءِ سخت چيڪنگ آهي. سيڪيورٽي عملو رات ڏينهن مقرر آهي. انٽيليجنس بيورو جا ماڻهو تمام گهڻا آهن. تاج محل جي ٻاهرين چؤنڪ کان ٽڪيٽ داخلا واري في ماڻهو ڏهہ روپيا ڏيئي اندر ٿياسون. اتي يورپي لوگ گهڻا نظر آيا. اڪثر ماڻهن کي ڪيمرائون هيون. ڪاروباري فوٽوگرافر بہ ڪافي نظر آيا.

تاج محل جي سامهون ايندي مون تہ ور ور ڪري اکيون ٿي مهٽيون تہ آيا خواب تہ نٿو لهان؟ ڇا هڪ غريب مسڪين رٽائرڊ پرائمري استاد ۽ تاج محل جي اڳيان؟ تاج محل جا فوٽو ڏنا اٿئون. فلمن ۾ تاج محل کي ڏٺو ويو آهي. مگر هت نظارو ئي ٻيو آهي.

تاج محل هڪ مٿانهين ٿلهي تي آهي. هوئنئن بہ اهو ٿلهو هڪ ٽڪريءَ تي آهي. هڪ پاسي جمنا جو پاڻي ۽ ٻئي طرف هلڪيون هلڪيون رنگ برنگي ٽڪريون. ۽ مزو وري اهو جو سج لهڻ مهل اتي پهتاسون، سج لهي ٻڏي پيو. سج جي سامهون هلڪا هلڪا ڪڪر اچن پيا جيڪي شفق وقت ڳاڙهيرا هئا، تن تہ سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو. مقبري تي قرآن مجيد جون اڪيچار صورتون اُڪريل آهن. اتي رهندڙ هڪ ملازم ٻڌايو تہ تاج محل تي ۽ ان جي منارن تي سڄو قرآن شريف اڪريل آهي (والله عالم).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رستي هلندي هڪ اديءَ جي ڪڪي جيڪا هڪ سال جي مس ٺئي ها، ڏاڍي رني ۽ سيني بس وارن لاءِ پريشاني برپا ٿي وئي. مسافري سارو فرسٽ ايڊ ڏني وئي مگر ڪو فائدو نه ٿيو. آخر هڪ هنڌ اڌ ڪلاڪ جي سفر بعد هڪڙو شهر آيو. اتي بس کي روڪرائي ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن پيڻ وينا جو ياءَ راجيو ۽ انعام پٽي ويا. دوا وٺي آيا ۽ پوءِ اتان اڌ ڪلاڪ کن بعد روانا ٿيا سون.

رستي ۾ راجستان صوبي جي سرحد تي بس جي ٽيڪس ادا ڪئي وئي. رات جو 30-11 بجي ڌاري راجستان جي "مهورا" شهر ۾ پهتاسون، جتي چانهه پيئڻ لاءِ لٿاسون. هت سوئر ايترا هئا جو ڳڻي نه سگهياسون. پيرن ۾ اچي بيهن. ماڻهن سان گسي پيا لنگهن. ڪتا ۽ سوئر گڏ پيا هلن (جيئن شينهن ٻڪري گڏ هجن). اهو هندستان جي جمهوريت جو مثال آهي. اسان وٽ ته جي ڪنهن جو ڪتو سوئر سان نه وڙهندو آهي ته خفتي چوندا آهن "ماچين جو ڪتو، سوئر جو همراهه". مگر ڀارت ۾ ته قصوئي ٻيو لڳو پيو آهي. رات جو 2 بجي جيپور ۾ پهچڻ ٿيو. جاءِ جي ڳولهڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳي ويو. آخر اڍائي بجي ماڳ تي رسياسون. همراهه انتظار ۾ وينا هئا. پهريائين ماني کائڻ لاءِ وٺي هليا. ماني ڪارائي هوٽل ۾ وٺي آيا، جتي بندوبست ٿيل هو. هوٽل جو نالو ريڪس (Rex) آهي. ماني کائڻ بعد هر ڪو آرامي ٿيو. هڪ ٿڪاوٽ ٻيو ماني ڪاڌل سو ننڊ به اچي غلبو ڪيو. هوٽل ۾ ڪٿون نه هيون. سمهڻ جو بندوبست هيٺ ٿيل هو. محترم جام ساقي ۽ محترم فتاح ملڪ، ميان غوث محمد پيرزادو، درگاهي چنا ۽ آئون هڪ هال ۾ ستاسون. ٻيا ساٿي به ان ئي هوٽل ۾ جدا جدا ڪمرن ۾ آرامي ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## 31-10-91

خير سان صبوح جو سوير دستور موجب 5 بجي ڏاري سجاڳي ٿي. ضروري حاجت بعد قدرت جي ڪارخاني مان عبرت وٺڻ لڳس. واهه جو نرمل نظارو آهي. هوٽل کان سامهون اوپر طرف جبلن جون قطارون ۽ انهن جون اوچيون چوٽيون ۽ مٿن ڪوٽ اڏيل. هيٺ شهر ۾ وڻراهه ۽ ساوڪ. وڻن ۾ ٻير، ڪنڊي، نم عام جام آهن. ساڳيا سنڌ وارا وڻ نظر اچن ٿا. جهرڪي جي پهريان ٻولڻ ۽ تترن جون ٻوليون ۽ مورن جون دانهون عجيب ڪيفيت طاري ڪري رهيون هيون. شهر ۾ ماڻهن جي چرپر شروع ٿي ويئي. آهستي آهستي دوڪان کلندا ويا. ماڻهن ۾ اهو چوٻول هجي ته "سنڌي آيا آهن." ڪانو، ڪٻر، جهرڪيون، سرڻيون ۽ ڳجهون نظر آيون. هڪ پکي نئون ڏسڻ ۾ آيو. جنهن کي "ڪوچري" نالي سان سڏن ٿا. ڪي وهمي ماڻهو انکي نحس سڏن ٿا. قدبت ۾ رنگ ۾ ڪٻر جيڏو آهي. مگر ڳچيءَ ۾ اڇن چٽڪن جي ڪنٺي اهڙي اٿس، ڄڻ ڪنهن موتين جو هار پارايو اٿس. هوٽل جي سامهون اولهه طرف رستي جي هن پاسي هڪ بورڊ نظر آيو، جنهن تي لکيل هو "سنڌي مڊل اسڪول". اهي شد الفاظ بورڊ تي لکيل آهن. ان کان علاوه هيٺان هندي ۽ پوءِ ان جي هيٺان انگريزيءَ ۾ ساڳيا الفاظ لکيل آهن.

سوير اٺڻ سان هيٺ لهي آياسون. ماڻهن جون اسان ۾ نظرون کتل هيون ۽ سنڌن آڳريون پڻ اسان ڏانهن کنيل هيون. ناشتي لاءِ سڏ ٿيو. ناشتي بعد محترم جسٽس ايسراڻي صاحب ملڻ آيو ۽ ان سان گڏ هڪ ٻيو شخص قدآور نهنو ۽ خوش ڪلام به ملڻ آيو. جنهن لاءِ جسٽس ايسراڻي صاحب ٻڌايو ته "هي آهي مسٽر پدم شرما، راجستان جو ايڊيشنل ڊي. آءِ. جي جيڪو شاعر به آهي.

هتان جي سنڌي هندن ۾ سنڌ ملڪ، قوم ۽ سنسڪرتي لاءِ محبت، سڪ ۽ چاهه آهي. اسان کي شهر گهمائڻ جو بندوبست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيائون. آل انڊيا سنڌو ڪلچر سوسائٽي رجسٽرڊ پاران هڪ سرڪيولر جاري ڪيو ويو، جنهن جو متن هن ريت آهي: "پاڪستان کان آيل شاعرن ۽ ليکڪن کي جيپور ڏسڻ لاءِ دعوت ڏني ويئي آهي، جيڪي ماروي جي سڏ تي سيمينار ۾ آيل آهن. اڄ 5-30 بجي چانهه جي پيالي جي دعوت ۾ شرڪت ڪندا. گڏجاڻي ڪانفرنس هال راجستان چيمبرس ۾ رکي ويئي آهي. پيٽرن جسٽس ايسراڻي، صدر هيرا لال گرجاڻي، جنرل سيڪريٽري موتي آڏواڻي سندن آجيان ڪندا."

جيپور ۾ برلا مندر، ميوزم، هوا محل، جليبي چونڪ، گلابي بازار، مهاراجا جو ذاتي ميوزم، قلعو ۽ ان جي اندر جايون ۽ منتر جنتر ڏنا ويا. برلا مندر جو اصل نالو لڪشمي ديوي ۽ نارائڻ جو مندر آهي. برلا ان جو نهرائيندڙ آهي. جيپور ۾ جڏهن به ڪو وڏو ڳائڻو آٿايو ويندو آهي ته اهو هن مندر ۾ ڳائيندو آهي. مندر هڪ ٽڪريءَ تي آهي. هيٺ ڪشادو ۽ سهڻو پارڪ آهي. هر وقت ملڪي خواهه غير ملڪي سياح هت ضرور ڏسڻ ۾ ايندا.

**ميوزم:** هن جو وڏو هال "البرٽ" جي نالي منسوب ٿيل آهي، جيڪو 1881ع جو ٺهيل آهي. شروعات هن ميوزم جي مهاراجا مانسنگ ڪئي. سندس دور 1590ع کان 1615ع تائين جو آهي. ميوزم ۾ اندر هر قسم جون انساني مورتيون موجود آهن. جن مان راجستان صوبي جي علاوه پارت خواه برصغير جي رهڻي ۽ ڪرٿي ظاهر ٿئي ٿي. هڪ انچ کان 6 فوٽن تائين انساني مورتون اتي ملن ٿيون. برصغير جي ورزش، عبادت، جانورن، وڻن، نگن ۽ پنڌارين جون وارداتون، انهن جو ڦاهي ٽنگجڻ، جنگين جو انداز، سواريءَ جا قسم، ڪچهريءَ جا نمونا، مال ڏهڻ، ڪپڙو ولوڙڻ، ماني پچائڻ وغيره ۽ شادي ۽ غمي جا سانت سوڻ سيئي مورتن جي صورت ۾ اصل پيا لڳن. راڳ رنگ ۽ رقص جي محفل ته ڏسڻ وٽان آهي. خاص ڳالهه اتي به انساني جسم (شايد ممي ٿيل) ڏناسون. هڪ مرد جو ۽ ٻيو عورت جو آهي. انهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پـرسـان جيـڪـو تـشـريـحـي نوٽ لڳل آهـي، تنهن تي 322 قبل مسيح لکيل آهي، چون پيا تہ هر سال 18-ڊسمبر کان 2-جنوري تائين هن جو ڪليل درشن ڪرايو ويندو آهي ۽ اڪين ڏٺا شاهد چون پيا تہ ”بت سندن گرم آهي.“

**هوا محل:** هي محل مهاراجا سوائي جيسنگهہ 1799ع ۾ ٺهرايو هو. هن جون ديوارون هيٺ پيـڙهہ وٽ ٿوڙي مـٿي سـاڍا ڇهہ انچن جون آهن. پنج ماڙ بلڊنگ آهي. ڊيگهہ ۽ ويڪر 87 ۽ 87 فوٽ آهي ۽ مٿي بہ اينٽري ٿي آهي. 365 دريون اٿس. مٿس چوني ۽ مٿيءَ جو ڪم ٿيل آهي. مٿي گلابي رنگ جي آهي.

**جليبي چونڪ:** هتي جيپور جي راجا جي مهر وارا سڪا ٺهندا هئا. هن چونڪ تي هڪ انگريز پوليٽيڪل ايجنٽ جليبي جي نسبت سان نالو رکيل آهي.

**گلابي بازار:** هن بازار جون جملي جايون گـلابي رنگ جون آهن. عجيب منظر آهي. شـهـر جي مـرڪزي بازار آهي. هر وقت منجهس رش لڳل رهي ٿي.

**مهاراجا جو ذاتي ميوزم:** جيپور وڃڻ بعد هيءُ جاءِ ۽ ان ۾ رکيل سامان ڏسڻ بلڪل ضروري آهي. هتي جو ميـوزم ڊولائتو ۽ پرڪشش آهي. هر هڪ راجا جو ذاتي سامان ننڍڙائي کان وٺي سمورو سلامتي ۽ سليـقي سـان رکـيل آهي. هٿيـارن جا ڪئين انواع آهن. مـونـ ترارن جا هڪ سو ويهہ قسم ڳڻيا ۽ پوءِ بس ڪيم جو اجا انهن جا ڪيترا قسم هئا. بندوقن جا بہ عجيب ۽ گهڻا قسم هئا. هڪ بندوق ڏهہ فوٽ ڊگهي هئي. شـاهي مـحل ۾ هي مـيـوزم آهي. ٽڪيٽ عـام ڪان ڏهہ روپيا. شـاگردن ۽ سيـاحن ڪان پنج روپيا. ڪيمرا جي في =/10 روپيہ ۽ مووي ڪيمرا جي في =/50 روپيہ آهي. محل ڪان ٻاهر وڏو ايوان آهي. اتر طرف وري بيـــون جايون آهن. جن ۾ هڪ راجا جي ڪچهـري جي جاء آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ چانديءَ جا بہ مٽ رکيل آهن. جن ۾ هڪ هڪ خرار پاڻيءَ جو پئجي سگهي ٿو. اتي وينل شخص چون ٿا تہ هر روز گنگا جو هڪڙي مٽ ۾ ۽ جمنا جو ٻئي مٽ ۾ پاڻي وڌو ويندو هو. گهوڙن ۽ هاٿين جا ماڊل، گهوڙن ۽ هاٿين جيڏا نهيل ڏناسون. ڪتب خانو بہ ڏٺو ويو. عجب پيو لڳي جڏهن هندو راجائن جي ڪتب خاني ۾ فارسي ۽ عربي ۾ ڪيترائي قلمي ڪتاب ڏسڻ ۾ آيا. جن ۾ ديوان حافظ، مثنوي مولانا روم، مشڪوات شريف، ۽ هڪ قرآن مجيد قلمي پڻ ڏٺو ويو. ان ڪان علاوه ان وقت جي هٿرادو نهيل غلمن ۽ غاليچن جا ڪيترائي قسم سينگاريل ۽ ٽنگيل هئا. خاص ڳالهہ تہ شاهي محل جي هڪ دروازي وٽ هڪ شخص 3 فوٽ قد جو عجيب و غريب پوشاڪ ۾ نظر آيو. جيڪو خود ميوزم جو اهڃاڻ هو.

**قلعو:** هي قلعو ٽڪريءَ تي آهي. راجائن جي رهائش ۽ لشڪر جي نگهباني لاءِ مضبوط قلعو آهي، ٻڌ ازم، هندو ازم ۽ مسلم آرٽ جو شاهڪار نظر اچي ٿو. شيش محل جي واکاڻ تہ ڪري نٿي سگهجي. واهہ جو مزيدار محل آهي. مغل اعظم فلم هن جاءِ تي بہ فلمايل آهي.

**جنترمنتر:** هن پارڪ ۾ سورج گهڙيون، نظام شمسي جو وايو منڊل، چنڊ جون ڪلائون، موسمن جي ڦيرگهير ۽ ستارن جي دنيا، عجيب نموني نهيل آهي. هت سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جو بہ منظر ڏسي سگهجي ٿو. هڪ وڏي ڏاڪڻ نهيل آهي. جنهن ۾ ٽيهہ ڏاڪا آهن. هر هڪ ڏاڪو هڪ تاريخ جو اهڃاڻ آهي، جنهن بہ نمبر واري ڏاڪي تي بيهبو تہ اتان اها خبر پوندي تہ اڄ ڪهڙو ستارو آهي. جيئن تہ ورگو، اسد يا عقرب.

هن جي ريپيئر 1929ع ۾ ان وقت جي راجا ڪرائي آهي. هن پارڪ ۾ ماڻهن ڪان وڏيڪ پولا ۽ باندر گهمن پيا. ان ڪان علاوه ڪنگ ايڊورڊ گيٽ ۽ اڳاٽي سئنيما هال 1870ع جو نهيل ڏٺوسون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو سجو سير ڪري واپس رهائش واري جاءِ تي آياسون. ماني کائڻ بعد تيار ٿي مشاعري ۾ شرڪت لاءِ وياسون. اسان جو پيار ۽ پاٻوهه سان آڌرياءُ ڪيو ويو. مشاعري جي شروعات ۾ مون کي سڏ ٿيو. ڪارروائي دادي وينا شرنگي پئي هلائي. مون پنهنجي مختصر تعارف بعد چوسٽا، دوها، وائي ۽ غزل پيش ڪيا. چڱو داد مليو، جنهن جي شاهدي ڪيسٽون ڏينديون. مون کان پوءِ هن ربت شعراءِ ڪرام کي سڏيو ويو. جام ساقي، انعام پنٿي، عادل سخيراڻي، زبيده ٽيبو، ميان غوث محمد گوهر، محمد احمد قاضي، حميده طارق شيخ ۽ وينا شرنگي. هر هڪ پنهنجو تعارف به ڪرايو. مختصر تقرير به ڪئي.

آخر ۾ هند جي ڊاڪٽر نارائڻداس، جسٽس ايسراڻي، مسٽر هيرو ۽ مسٽر پدم شرما مهمانن کي هار پارايا ۽ انهن جو ٿورو مڃيو. سنڌ جي ماهر قانون ۽ مڪ شاعر محترم فتاح ملڪ کي سڏ ٿيو. جنهن تمام گهٽا شعر ٻڌايا. ان بعد جيپور جي شاعرن کي سڏيو ويو. جن مان پدم شرما، موهن پياسي شامل آهن. آخر ۾ چانهه بسڪوٽ مليا.

هت خانواهڻ جا هندو مليا، جن مان ڪرپالداس سان چڱي ڪچهري ٿي. ڪيس خانواهڻ جي جاين مان شينهن واريون جايون. پلئي گڏڻ جي اوطاق ۽ پنهنجو گهر ياد هئا. هن ٻڌايو ته مان پيو درجو هڪ مسلمان استاد وٽ خانواهڻ ۾ پڙهندو هيس، مگر هينئر مون کي ان جو نالو ياد نه آهي. ڊاڪٽر نارائڻ داس آشرم جو احوال پڇيو. مون کيس ٻڌايو ته آشرم واريون کوهيون ٿي هيون. انهن مان به ماڻهن ڊاهي ڇڏيون آهن. جاين جي ڪا به نشاني نه آهي.

مشاعري کان موٽي رهائش واري جاءِ تي آياسون. جتي سنڌي ڪالوني جي رهاڪن سيني مهمانن کي دائودي گلن جا هار پارايا. مردن کي هار مردن پارايا ۽ عورتن کي عورتن هار پارايا. مختصر تقريرون به ٿيون.

رات جو خواب لڌم ته ڳوٺ ۾ جهيڙو ٿيو آهي. جيڪا حقيقت ڳوٺ اچڻ تي پيئي ته برابر جهيڙو ٿيو پئي ۽ خدا خير ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيپور جي آدمشماري اٽڪل 16 لک ٻڌائي پيئي وڃي. جوڌپور، جيسلمير، اجمير، ٻاڙمير ۽ جيپور رياستن کي گڏي هڪ صوبو راجستان ناهيو اٿن. هن شهر ۾ ٻه لک کن سنڌي هندو رهن ٿا. هن شهر خواهه صوبي ۾ واپار ۽ ملازمت تي قبضو سنڌين جو آهي. نوڪريءَ ۾ 99 سيڪڙو سنڌي هندو آهي. واپار ۽ هنر تي پڻ سنڌي هندن جي هٿ وسي آهي. هتي مزدور طبقو اصلي مسلمانن جو آهي. هتان جا هندو مارواڙي لوگ آهن. گهٽو ڪري ساس ۽ ماس ڪونه کائين. پٺرن کي سوڌڻ وارا مسلمان وڻجهر آهن. انهن کي مزدوري ملندي آهي. باقي اصل نفعو انهن ڪارخانن يا دوڪانن جي مالڪن سنڌي هندن کي ملي ٿو.

ڀارت جي ورهاڱي بعد جڏهن سنڌ مان هندو هت پهتا ته ڪين ڪوهن تان پاڻي مقامي هندو پرڻ نه پيا ڏين. پوجا پاٺ لاءِ به مندرن ۾ سنڌي هندن کي اچڻ نٿي ڏنو ويو. سنڌي هندن محنت ۽ ٻڌي سان جدوجهد ڪندي پنهنجي وجود کي به برقرار رکيو ۽پنهنجي سنڌي سنسڪرتي کي به بچايو ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ کي به تسليم ڪرايو. کوهه پنهنجا کنيا، مندر پنهنجا ناهيا، جيڪي پلاٽ ۽ پئسا قرض طور مليا هين، ڏهن سالن ۾ آزاد ڪرائي ويا.

جيپور ۾ هاٿي مڇي ۽ ٻاڪرو گوشت عام جام ملي ٿو، ڳائو ۽ماهيو گوشت بند آهي. هت ڇوڪريون سائيڪلين تي اسڪول وڃن ٿيون. موٽر سائيڪلون عورتون هلائين ٿيون. مورن جي ڪنين مان نهيل وڃٽا، نلريل ۽ چانهه سستي اگهه ۾ ملن ٿا. هت ڪاريءَ مٽيءَ جا ٿانو پڪل نظر آيا. موڙا، موڙيون عام جام آهن. سوارين جو ڳاٽيٽو ڪيم ته مون کي هن ريت نظر آيو: هي 25 سوارين جو شيڊيول آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ڏاند گاڏي | 1 | (هڪ) |
| موٽر سائيڪل | 3 | (ٽي) |
| ڪلر | 2 | (ٻه) |
| جيپ | 1 | (هڪ) |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| بس | 1 | (هڪ) |
| سائيڪل رڪشا | 4 | (چار) |
| موٽر رڪشا | 2 | (ٻه) |
| سائيڪل | 11 | (يارهن) |

## 1-11-91

خير سان سج اڀريو. ضروري حاجات ۽ خالق حقيقي جي حمد و ثنا بعد تيار ٿي ويناسون. هوٽل جي هيٺان لهي آياسون. هڪ دوڪان ميوزڪ جو هو. ان تي ڏٺوسون ته سنڌي فلمن جون ڪيتريون ئي ڪيسٽون هيون. سنڌي راڳ وارن جون به ڪيسٽون هيون. فلم ”جهولي لال“ ۾ اداڪار آنند، ڪماري رتنا، رام پنجواڻي، ماسٽر چندر ۽ ششي ڪمار آهن. فلم ”هل ته ڀڄي هلون“ ۾ اداڪار راجن، سپي، سونيا، ايس.پي ميگاني، ڊرامه ”ڏيراڻين جا سور“ ۽ ٻيون ڪيسٽون ڏٺيون سون.

مٽي ۾ انساني جسمن (مردن) جي ڳالهه ڪئي اٿئون. انهن جي پرسان انگريزيءَ ۾ هي الفاظ لکيل آهن:

* Mumeez of a femole of the priests families of the "GOD Chim" At the plotem Aic Epoch! 332 B.C to 30 B.C

* Founded Akhrims the Ancent ponoziolk chem or khem in the Great "GOD" Ammon As the generation about 2278 years old.

هتان جي ماڻهن جي پوشاڪ جدا جدا آهي. سنڌي هندو عورت ساڙهي اوڍي ٿي. مٿو اگهاڙو ۽ پيرن ۾ سپاٽو يا چپل پائي ٿي. مرد پتلون يا سوٽ پائين ٿا. اڪثر مٿو اگهاڙو ڪن. ڪي ڪي ڪپڙي جون گانڌي ٽوپيون پائين ٿا. لڪاپتي شخص به سادي پوشاڪ ٿا پائين. سواري اڪثر ڪري سائيڪل جي رکن. دعوتون جيڪي پنهنجي گهرن ۾ ڪن ٿا انهن ۾ شراب ضرور پيش ڪن. چاڪاڻ ته اهو سندن رواج ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. شراب کي جيئن هت "دارو" چوندا هئا، تيئن پارت ۾ بہ "دارو" سڏين ٿا.

صبوح جو نيرن بعد 9 بجي بس ۾ سوار ٿي اجمير شريف لاءِ روانا ٿياسون. رستي ۾ کوھہ کوٽيندي ڏٺاسون، انهن جو طريقو سنڌ وارو نظر آيو. پڙاٽي جو نمونو ساڳيو ۽ ٻيل تي ٿب ڪرڻ وارو طريقو پڻ ساڳيو اسان جهڙو. هتان جي زمين پلي آهي. رستي جو منظر ائين آهي، جيئن سپر هاءِ وي تي ٽول پلازه کان اڳتي ڪراچي طرف هوندو آهي. جبلن جون قطارون بہ اهڙي طريقي سان آهن.

اوچتو رڌل پڪل پَتَ ۾ ڪير پئجي ويئي! ٿيو ڇا ؟ جنهن بس ۾ جيپور ويا هئاسون. ان جي ڀاڙي ڏيڻ لاءِ دادي وينا ۽ جيپور جي دعوتي ماڻهن ۾ چڪر بازي شروع ٿي ويئي. "حقيقت دهليءَ ۾ اسان کي اهو ٻڌايو ويو هو تہ" اسان اهو ٻڌو هو تہ، سنڌ کان آيل اديب غريب آهن. ان ڪري انهن کي امداد طور ڀاڙو ڏيڻو پوندو، مگر هت اسان ڏٺو تہ ڪيترا اديب مرد ۽ عورتون بازا ۾ ڊالر پيا مٽائين. سو اسان ڇا جي ڪري امداد ڪريون؟ محترمہ وينا لاءِ مسئلو پيدا ٿي ويو. ڏاڍي فڪرات ۾ اچي ويئي. جيڪا مرڪ سندس چپن تي هُئي سا گم ٿي ويئي. مُنهن جو رنگ پيلو ٿي ويس. اسان وائڙا ٿي وياسون. آخر ڪيس اڪيلائي ۾ گهرائي حقيقت پڇي ويئي. جنهن مٿيون احوال پيش ڪيو. اسان چيس تہ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. صرف اهو ٻڌايو تہ ڪيترو ڪرايو ٿئي ٿو؟ پوءِ محترم فتاح ملڪ ۽ سائين غوث محمد گوهر سيني سنڌ وارن ساٿين کي سمجهايو. ان بعد هر شخص =/500 روپيا محترمہ وينا کي ادا ڪيا. هن حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اهو اشارو ڪافي آهي. منهنجي هر سياح کي صلاح آهي، تہ ڪنهن بہ دعوت ۾ اهي سرڪاري هجن يا ڪنهن پرائيويٽ اداري طرفان. دعوت ملڪي سطح تي هجي يا انٽرنيشنل ليول تي هجي. ڳوٺ کان نڪرڻ کان اڳ ايترو پئسن جو انتظام ڪرڻ گهرجي، جو رهائش، ماني، چانهہ يا ڪنهن اوچتي حادثي درپيش اچڻ لاءِ ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگي. پوءِ اهو چو نہ گڏ هلندڙ ساٿي هجي. اگر ائين نہ ڪندو تہ وڏي شرمساري ۾ اچڻو پوندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واپسيءَ تي آل انڊيا ريڊيو اسٽيشن دهليءَ تي وڃڻ ٿيو. جتي منهنجو، مسٽر فتاح ملڪ ۽ جناب غوث محمد گوهر پيرزادي صاحب جا انٽرويو رڪارڊ ڪيا ويا. ريڊيو وارن جي طرفان گلدستا سوکڙي طور مليا. ان بعد واپسيءَ جي ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرڻ لاءِ پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائين جي آفيس ۾ وڃڻ ٿيو ۽ ان بعد سي. آءِ سينٽر ۾ واپسي جو اطلاع ڪرڻ لاءِ وڃڻ ٿيو. جتي ضروري ڪاغذات ناهيا ويا. واپس هوٽل تي اچي آرام ڪيو ويو. رات جو دير سان ڪجهه خريداري سوکڙين پاکڙين جي لاءِ شهر ۾ وڃڻ ٿيو. شهر کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو آهي ۽ هر گهڙي وڏا ڌماڪا پيا ٿين. اها ڏياريءَ جي رات آهي. تنهن ڪري شهر جي رونق دوبالا ٿي وئي آهي. ڏياري جنهن کي ديوالي چون ٿا. ان سبب مهانگائي بہ ٿي آهي.

## 5-10-91

صبوح جو سوير خواجہ نظام الدين اولياءُ رحہ، امير خسرو رحہ جي مزارن تي وڃڻ ٿيو. پوءِ ٽڪيٽ ڪنفرم ڪري ٽڙتڪڙ ۾ هوٽل تان تيار ٿي ٽيڪسيءَ ۾ هوائي اڏي تي پهتاسون. اسان جا نالا ويٽنگ لسٽ ۾ شامل هئا. موقعو ملي ويو. بورڊنگ ڪارڊ مليو. 5 بجي شام جو پي. آءِ. اي جي جهاز ۾ چڙهياسون ۽ 6 بجي لاهور هوائي اڏي تي اچي پهتاسون. جتان ضروري چڪاس بعد ٽيڪسي هٿ ڪري لاهور ريلوي اِسٽيشن تي پهچي. ٽڪيٽون وٺي 10 بجي ريل گاڏي تيزرو ۾ ويناسون. خيريت سان 6 تاريخ 3 بجي محراب پور اسٽيشن تي پهچڻ ٿيو.

شام جو چئين وڳي ڪوٺڙي ڪبير پهتاسون. جتي خبر پيئي تہ نورچشم آفتاب احمد جو ماسات نالي مور چار ڏينهن اڳ ڪچي ۾ ڪماندوز جي هٿان مارجي ويو. ڏاڍو ڏک ٿيو. اتان جلد ٽيڪسيءَ ۾ سوار ٿي 5 بجي ڳوٺ پهچڻ ٿيو.

لاهور ريلوي اسٽيشن تي ابوجهه ۽ نوان مسافر ڦولين ۽ ٽڪيٽ ڪلارڪن جي ڳٺ جوڙ سان ڦرجن پيا. في ٽڪيٽ تي =/150 روپين ڪان وني ڦر ٿئي ٿي. جيڪو جتي آيو اتي ڦريندس.

”سامي سفر هليا ڪو پروڙي پنڌ.“

جي مصداق سفر پورو ڪري خيريت سان گهر پهتاسون. اهو سچ آهي تہ:

ڪل شيءِ يرجعي الا اصله

(هر ڪا شي پنهنجي اصل ڏي موٽ ڪائي ٿي.)

آخر ۾ هن تحرير کي هن بيت تي پورو ڪريان ٿو:

”پرت چڏ پر ڏيهہ جي ساٿيهہ ڪر سنيال،
لڪن سندي لال، مـــڇڻ مـــفت وڃايئين.“

(سلطان اولياءُ)

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## الڪبير اڪيڊمي طرفان ڇپرايل ڪتاب

1- تاريخ پبلڪيشن، ڪرڙي محمد ڪبير- الڪبير اڪيڊمي
2- سوره ياسين، سنڌي منظوم ترجمه سان مؤلف: عبدالڪريم عاصي
3- شاهباز نامه، سنڌي منظوم ترجمه سان مؤلف: غوث محمد گوهر
4- ڪلام ڪوڙلين، سنڌي منظوم ترجمه سان مؤلف: غوث محمد گوهر
5- ڪلام ڪاتيان، سنڌي منظوم ترجمه سان مؤلف: غوث محمد گوهر
6- سامي سفر هليا، سنڌي منظوم ترجمه سان مؤلف: غوث محمد گوهر
7- مهدي مليادار، سنڌي منظوم ترجمه سان مؤلف: غوث محمد گوهر
8- قرآن شريف، الطاف حسين جوکيو
9- خوشبو جو سفر، مؤلف غوث محمد گوهر
10- خودنوشت، مرتب: فقير غوث محمد "گوهر"

ڪتاب گهرائڻ لاءِ لکو:

گلشن پبليڪيشن

HCB-1816 ممتاز ڪالوني، حيدرآباد

Price: Rs. 15/=

TITLE DESIGNED BY: INTEL COMMUNICATIONS HYDERABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book